ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

شاه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي موضوعن جو دائرو نهايت وسيع آهي. هر طبقي ۽ ذهني سطح جو ماڻهو شاه جي رسالي مان ڪنهن نه ڪنهن حد تائين لاڀ پرائي ٿو. ڪيترن ماڻهن کي رسالي جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ۾ ڪي مسئلا درپيش آهن. رسالي ۾ آيل لفظن جي معنيٰ ۽ شرح جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهرچند، محمد بخش واصف، رسول بخش ڏيري، ڪمتر نقوي ۽ ٻين عالمن ڪم ڪيو آهي.

هيءَ لغات نه مڪمل لغات آهي ۽ نه سڀني لفظن جي تشريح. هن ۾ آهي لفظ آهن، جيڪي اسم خاص آهن، يا ماڳن مڪانن، جانورن، پکين، وڻن ٽڻن ۽ وڪرن جا نالا يا ڪي ٻيا اهڙا لفظ آهن، جن جي تشريح جي گهرج آهي.

اميد آهي ته هن مان رسالو پڙهندڙن جي گهرج پوري ٿيندي.

حوالن لاءِ هيٺيون تخفيفون قائم ڪيون ويون آهن:

الانا. ڊاڪٽر غلام علي الانا
بلوچ. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڀ. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.
ر. رائچند هريجن.
ش. غلام محمد شاهواڻي.
شيدا. مولوي محمد عظيم شيدا.
ع. عربي.
ق. قليچ بيگ.
ف. فارسي.
گ. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي.
گج. گجراتي.
و. مولانا دين محمد وفائي.
هيم. هيمچندر.

الف:

آبڙو : ماڻهوءَ جو نالو آهي. هي اهو شخص هو، جنهن دودي چنيسر جي جنگ ۾ سومرن جون ساموئيون جهليون هيون. سومرين شهزادين کي پناهه ڏيندي پنهنجي جان جوکي ۾ وڌائين. سنڌ جي هڪ قديم ۽ مشهور ذات به آهي.

آحمد : نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو سڳورو نالو.

آرمُ: هڪ قسم جو فلالين يا باريڪ لسو اوني ڪپڙو. (و).

آرغچ : هڪڙو عمدو ڪپڙو. (ق).

آڙل : اڙل، اڙڏا وڇيرا معني گهوڙن جا ڦر. هتي: تيز ۽ ڪڏڻ وارا گهوڙا.

آصغر : (ع) ننڍو. ماڻهوءَ جو نالو به آهي. سڄڻ بلاول ۾ 'جهاد آصغر' يعني 'نفس مطمئنہ سان جنگ'؛ جي مفهوم ۾ آيو آهي.

آعرابي : عرب ۾ ڳوٺن ۽ صحرا ۾ رهندڙن کي اعرابي چئبو آهي. مارئيءَ ۾ 'مارو ماڻهن' لاءِ آيو آهي.

آڪ : هڪ جهنگلي ٻوٽو، جنهن جي ڌاري ڀڃبي ته کير جهڙو پرڪوڙو رس نڪرندو آهي.

آڪبر : (ع) وڏو. ماڻهوءَ جو نالو به آهي. سڄڻ بلاول ۾ 'جهاد اڪبر' يعني 'نفس اماره سان جنگ جوڙڻ' جي مفهوم ۾ آيو آهي.

آگر : هڪ خوشبوءِ. 'هڪ قسم جو وڻ، جنهن جون ڪاٺيون خوشبوءِ واريون ٿينديون آهن'. (ش).

آگار : آگر، ڪوئلا (Charcoal).

آلک : ڳجهو. خدا.

آلماس : هيرو، هڪ قيمتي هيرو، جيڪو نهايت چمڪندڙ آهي. (فيروزاللغات).

آن : اناج. (چانور، ڪڻڪ، جوئر، مڪائي وغيره).

آنبور : انبوري. ڪوڪن ۽ ڪلين کي ڇڪي ڪڍڻ جو هڪ اوزار.

آنگور : هتي معني 'سنُور' ۽ 'ڦٽ' وغيره. اصل ميوو آهي.

آنيراءِ : سورٺ راءِ ڏياچ جي قصي جو هڪ ڪردار آهي. ڊاڪٽر

گربخشائيءَ جي لکڻ موجب انيراء جو اصل نالو ’درليپ سين‘ هو. هُو گجرات جو حاڪم هو ۽ انهلواڙ پاڻڻ سندس راڄ ڌاني هئي. ان کري انهلراء يا انيراء مشهور ٿيو. هن ٻيجل کي لالچ ڏيئي راءِ ڏياچ جو سر ڪپارايو. سُر بلاول ۾ به شاه صاحب ڪيس ننديو آهي.

اوڏ : ذات آهي. گنب (مٽيءَ) جون جايون وجهڻ جو ڪم ڪندا اچن. ’ڪيراڪوٽ جي وڏيڪ مضبوطيءَ ۽ آڏاوت لاءِ لاکي اوڏن جا راڄ گهرايا.‘ (بلوچ). لاکي ڦلائيءَ ۽ اوڏڻ جي عشق جو قصو مشهور آهي.

ايلاچ : ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

ايلاچيون : [واحد. ايلاچي] ننڍا ڦوٽا.

آتڻ : گهر ۾ آهاجاءِ جتي ويهي عورتون چرخو چورينديون آهن.

آدم : حضرت آدم عليہ السلام، خدا جو پهريون نبي، پهريون انسان پڻ.

آديسي : جوڳي فقيرن جو هڪ قسم.

آڏوتي : جوڳين جو هڪ قسم، جيڪي انگ پيوت رهندا آهن ۽ جسم جي ظاهر صفائيءَ جو ڪو خيال نه ڪندا آهن.

آذر : هڪ نقاش جو نالو آهي، جيڪو پاڻ کي خدا سڏائيندو هو [ش] بي معنيٰ ’باه‘ آهي. شمسي سال جو نائون مهينو پڻ.

آراڙو : گاه جو قسم آهي، جنهن مان ٿر جا مارو ماڻهو پاڇي ڏاهيندا آهن.

آري : پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آهي. رسالي ۾ اڪثر جاين تي پنهونءَ لاءِ به ڪم آيو آهي. محققن ”آري“ کي آريه سان به نسبت ڏيکاري آهي.

آڪو : رسالي جي مختلف ڇاپن ۾ هن لفظ جون مختلف پڙهڻيون آهن: آٽڪو، آگو، آنڪو ۽ آڪو. آڪو معنيٰ ”خراب“ وڌيڪ قرين قياس آهي. ڇو جو ڪچو، پيلو يا اَڻ پڪو گهڙو ڇوڻ ئي مراد آهي. سيد نجف علي شاه ڪمتر پنهنجي تحقيق ۾ بحث ڪندي ’خراب‘ واري معنيٰ کي ترجيح ڏني آهي. ’آنڪو‘ جي معنيٰ بيشڪ بدبوءِ ڪيل ڪير يا

ڪا ٻي شي آهي. بيت جي سٽ خاص طور ڏيان ڇڪائي ٿي، ’آڪو ته آڪو، ڪچو آيم ڪم؛ هن مان اِهو مغالطو پيدا ٿيو آهي ته ڪچي جي اُبتڙ ’پڪو‘ ته نه چيو ويو آهي؟ حقيقت ۾ گهڙو ڪچو يا پيلو هو.

آڪون: اڪروت.

آگڙيا: لوهار، ڪامل مرشد- (ش).

آمـا : (واحد آمو) انب.

آونگ : ٽانڊو ، ديگڙا وغيره.

آهيڙي : شڪاري، صياد. ڪٿي ’ڪاسائي‘ به.

اِبليس : شيطان.

اِستنبول: اِستانبول يا اِستنبول، ترڪيءَ جو مشهور شهر، جنهن جو پراڻو نالو قسطنطنيه آهي.

آڏوهي : (يا اِڏوهي) ڪاٺ وغيره کي کائيندڙ جيت.

ب

بخمل : آچي ڪپڙي جو هڪ قسم.

بداماڻي: ذات آهي. پنرو بداماڻي (ق)

بُدُو : بدوي، خانه بدوش، جهنگ جا (اعرابي) وڳند فقيرکي بدو يعني خراب ۽ گدلو وغيره چيو ويو آهي.

بصر : بصر، پياز (Onion).

بَرفت : لس بيلي، ڪراچي ضلعي ۽ بلوچستان طرف جي هڪ ذات آهي.

بروو : ’بروه‘ هندوستاني راڳ مالهام هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي. بـروي سان هڪ داستان به منسوب آهـي؛ جنهن موجب بروو نالي شخص قلات جو رهاڪو هو ۽ آن جو دهليءَ ۾ هڪ شهزاديءَ سان عشق ٿي ويو. (تفصيل ڏسو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ [ٻيو ڇاپو] از: عبدالجبار جوڻيجو).

بَرهمڻ : هندن جي هڪ اُتم ذات. رسالي ۾ اڪثر هندن تي سمئيءَ لاءِ آيو آهي، ڇو جو هنوءَ اصل برهمڻ جي ڏيءَ هئي.

بيروهي : سنڌ ۽ بلوچستان جي هڪ ذات آهي.

بيرقون : جهنڊيون، بانڊيون.

بيڪانير : هندوستان جو هڪ مشهور شهر آهي.

باڦٽو : (ف. باڦتن يعني اُڻڻ) سادو سفيد ڪپڙو.
باڪا : بانڪا بهادر.
باڳھُ : واڳون، درياهي جانور، اژدها.
ٻيبي : حضرت ٻيبي فاطمةالزهرا (بنت حضرت نبي ڪريم صلعم).
ٻوتو : (ف. بوته) ننڍو اَن، گورو، گونرو.

ٻ

ٻرَد : ٻرَدُ، ڍڳو.
ٻروچ : بلوچ. پنهونءَ جي ذات ڏي اشارو.
ٻڪرو : ٻڪر، ڇيلو.
ٻگا : (واحد. ٻگو، ٻگهو) پاڻيءَ جو پکي، جو هڪ ٽنگ تي اڪيون پوري بيهندو آهي (ش).
ٻگهه : ڏسو ٻگا.
ٻلهار : ڏيپلي جي ويجهو، پراڻ درياءُ جي هڪ حصي جو نالو آهي.
ٻاٻيهو : ڏسو 'ٻرٻاٻيهو'
ٻارٽ : ڳائٽو.
ٻانڀڻ : سمي يا ڪن هندن تي سندس آبائي ذات ڏي اشارو آهي.
ٻانڊوٽو : ٻانڊٽو، ڇُريل ڪپڙو، ڇني وغيره.
ٻانهوٽو : (جمع. ٻانهوٽا) ٻانهن جو زيور، ٻانهن رکيون.
ٻولاهي : (جمع. ٻولاهيون. ٻولايون) ترازُ تي اچي تڪي واري مينهن وغيره.
ٻيجل : ٻيجل چارڻ، جنهن راجا انيراءِ جي چُرچ تي راءِ ڏياچ جو سر ڪپيو.
ٻيٽ : پاڻيءَ جي وچ ۾ سڪيءَ کي ٻيٽ چئبو آهي. (Island) ننڍي ٻيٽ کي ٻيٽارو يا ٻيٽاري چئبو آهي.
ٻيلاڻي : ننڍو ٻيٽ جنهن ۾ ٻيلو هجي.
ٻيلو : لفظي معني آهي، اهو علائقو جيڪو وڻن ۽ جهنگ سان ڀرپور هجي (forest). هتي اس ٻيلي ڏي اشارو آهي. جتي جا حاڪم سخاوت جي ڪري مشهور ٿيا. جن مان سپڙ سخيءَ جي واکاڻ شاه صاحب خاص طور ڪئي آهي. اس ٻيلو اڄڪلهه صوبي بلوچستان جو هڪ حصو ۽ ضلعو

آهي. لس ٻيلي جي سنڌي شاعرن جو تذڪرو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'ٻيلاين جا ٻول' جي نالي سان لکيو آهي.

ٻـور : گورو يا ڪنوات اَٿ (ش)
(١) (سن - ٻهـُرو) ڀوري رنگ وارو اَٺ (گـو)
(٢) وڻن جو ٻور. اَنن ۽ ٻين ڇوڀاڻن جي چرڻ جي ڪم ايندو آهي.

پ

پنيور : پنيور جـو ڳوٺ، ميربور ساڪري تعلقي (ضلعو ٺٽو) ۾ دابيجي سٽيشن کان اڀائي ڪوهه پري آهي. هي اڳي هڪ وڏو شهر هو. پنيوراءُ نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو. هاڻ اهو شهر اُجاڙ ٿيو پيو آهي. پر اُن جو ويرانو ظاهر ٻيٺو آهي' (پ)

آثار قديمه وارن جي کوٽائيءَ کانپوءِ اُتي هڪ ميوزيم به قائم ڪيو ويو آهي. پنيور اُهو شهر آهي، جتي سسئيءَ جو گهر هو ۽ پنهون سوداگر ٿي آيو.

پاروڙي: اوني آڇي لوئي، رڍ کي به اڪثر پاروڙي چون ٿا.

پـان : پان، پَيٽ منگتو، هڪ ذات به آهي.

پـٽ : 'سارنگ ۾ 'پٽ شاه' ڏي اشارو آهي مارئيءَ ۾ پٽ (جمع پٽن) جو ذڪر عام طور ٿر جي واريءَ جـي پٽن (ڍڳن) جو ڪيو ويو آهي.

پـُچ : ڪڇ رياست جي گاديءَ جو هنڌ آهي. جيڪو ڪڇ جي حاڪم راءُ ڪنگهار ١٥٤٨ع ۾ جوڙايو هو (پ).

پـوڻ : چرخي. کوه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چرخي جنهن تي رسيءَ جي مدد سان پاڻي ڪڍبو آهي.

پوُنر : ننڍڙو ڪارو جيت، جيڪو پون پـون جـو آواز ڪيندو آهي ۽ گلن تي ويهندو آهي.

ت

تبر : (جمع، تبرون، ڪهاڙي axe).

تتر : تتر پکي، سنڌ ۾ تتر ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا پناپڙي ۽ ٻيا ڪارڙا تتر جو گوشت لذيذ ٿئي ٿو

تماچي : سنڌ جي سما خاندان جو حاڪم ڄام تماچي، جنهن نوريءَ سان شادي ڪئي.

تنبو : ستارندو. ساز.

تنبير : تنبو يا ساز وڄائيندڙ.

توڏو : (جمع. توڏا) اَٺ. ڀاڪو ڏاچي هٿي ڏهه ته توڏو هٿي ٽيرهن.

توڏي : اِشارو سهڻيءَ ڏي آهي. حقيقت ۾ توڏي يا توڙي راڳڻيءَ جو نالو آهي.

تَور : گلن ۽ مکڙين جون اندريون ڦلڙيون.

تاجڙين : (تازڙين) تازي گهوڙن جي.

تاڇي پيٺو : ڪپڙي جي اُڻت ۾ ايندڙ ڊيگهه ۽ ويڪر ڏي ويندڙ ٻه تندون؛ تاڇي ۽ پيٺو.

تازي : عربي گهوڙا.

تاڙو : تاڙو پکي. هي پکي ٻوليندو آهي ته اُن جي تنوار کي برسات جو پيش خيمو ڄاتو ويندو آهي.

تيل : مٽي ۾ وڃڻ جو تيل. گهڻو ڪري سنڌ ۾ سرنهن جو تيل مٽي ۾ وجهبو آهي.

ٿ

ٿرٻاپيهو : هي پکي برسات جي موسم ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ گرمي سهي نه سگهندو آهي.

ٿر : ٿرپارڪر ضلعي جو علائقو. ٿرَ جا مختلف حصا آهن. انهن تي مختلف مقامي نالا به آهن: 'ٿر سنسڪرت لفظ 'ستل' مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ بيٺل يا نه وهندڙ يعني خشڪ ملڪ آهي. اُن جو اُچار ڦري ٿل ۽ ٿر ٿيو' (را).

ٿوهر : وڻ جو قسم (Cactus).

ٿيلهي : (گ.ج. ٿيلي < هيم. ٿوي + لي = گوٿري) ڳوٿريءَ جهڙي مڇي– (گ.ٿ) سنڌيءَ ۾ به ٿيلي يا ٿيلهي، ڳوٿريءَ جي معنيٰ رکي ٿي.

ٽ

ٽَڪَ : سٽ ڪتڻ جي چرخي ۾ لوھہ جو ھڪ ٽڪر جنھن تي ڌاڳو ويڙھيو آھي.

ٽُوھہ : ھي مشھور ڦل، گدري جي نموني ھئڊي رنگ تي، واريءَ جي پيدائش آھي. ڏسڻ ۾ گھڻو ئي سھڻو ٿيندو آھي، مگر ذائقي ۾ جھڙو زھر. سنڌيءَ ۾ چوڻي آھي تہ ڏسڻ ۾ ٽوه' (ڳَنڙ). دوائن ۾ ڪم اچي ٿو.

ٺ

ٺاٺارو : ٿامي، جست وغيره جا ٿانءُ ٺاھيندڙ ڪاريگر.

پ

پَبُ : جبل جو نالو آھي، جيڪو شاه بلاول جي درگاه جي ويجھو آھي. ھن ئي جبل جي اندر ھڪ وڏو صفو (ھال) آھي، جنھن کي لاھوت سڏجي ٿو-' (پي).

پتنگ : ننڍڙو جيت جيڪو باھہ يا ڪنھن بہ بتيءَ جي روشنيءَ تي ايندو آھي، 'پتنگ' لفظ خاص طور شاعريءَ ۾ ڪم ايندو آھي.

پَٽَ : ريشم (Silk).

پَٽُ : ڪشتو، ڪشڪول، جمني. خاص طور خيرات وٺندڙ کڻندا آھن.

پٽَ چِير : پٽ يا ريشم جو ڪپڙو.

پَٽڻ : جھوناڳڙھہ طرف ھڪ شھر جو نالو.

پٽولا : ريشمي ڪپڙا.

پٽيھل : درياءَ جو نالو، بدين ضلعي ۾ پراڻ درياءَ جي ھڪ حصي جو نالو آھي. ھاڻي موجود ڪونھي.

پٽدام : پٽ شاه جي ويجھو ھڪ ھنڌ جو نالو آھي.

پُرٽ : ڌوبي (مونث: پرڏياڻي).

پڳھہ : پيڙيءَ جي لنگر سان ٻڌڻ جون نوڙيون. 'پڳھہ ھڻڻ' معنيٰ لنگر انداز ٿيڻ.

پڌَرُ : ميهڻن جو ٻاڦي.

پنهوار : (پراء پهو > سن. پشو = ٻڪري + آر) ٻڪرين وارو (گ). مارئيءَ عام طور پنهنجن مائٽن لاءِ پنهوار لفظ ڪم آندو آهي.

پنهون : ڪيچ جي حاڪم آري ڄام جو پٽ هو. پنيور ۾ اچي سسئيءَ سان شادي ڪيائين. سندس ڀائر کيس غافل ڪري واپس کڻي ويا.

پنير : (١) هڪ قسم جو ٻج، جنهن کي دوا لاءِ ڪم آڻيندو آهي. (٢) کير جي اها صورت جنهن کي ڀاڙي ڏار ڪري تيار ڪبو آهي. (سنڌي اردو لغت: ڊاڪٽر بلوچ ۽ غلام مصطفي خان) رسالي ۾ ٻيو نمبر معني ورتل آهي.

پنڊت : پنڊت.

پَٺُو : ڪپهه جو مڇو.

پُهُون : (جمع: پهون) ٻڪري.

پَهِي : ٻڄيل ڪپاهه جو مڇو (ش)

پابوڙو : (جمع: پابوڙا) ڍنڍ ۾ ڪنول جو ميوو، جنهن ۾ ٻجر جيڏي ٻج نڪرندي آهي.

پاتَ : پات، پٽ، پان، ميراثي، گانڌو.

پارس : هڪ قسم جو پٿر آهي. هن لاءِ مشهور آهي ته لوهه کي ڇُهندو ته اهو به سون ٿي پوندو.

پارسي : فارسي زبان، Persian

پارڪرَ : ننگر پارڪر. ضلعي ٿرپارڪر جو اوپر ڏکڻ وارو حصو.

پارهيڙي : شڪاري. شاهه صاحب جي هن سٽ ۾ آيل هوبهو مفهوم گرنٿ ۾ به آهي: 'سر وڃ پنڇي هيڪلا، قاسيوال پچاس'.

پاڪي : چڊي جهڙ، اسپي.

پاڪڙي : ننڍي پيڙي.

پان : ساڻو پتو، جنهن ۾ ڪاٿو، چُنو، سونف سوپاري ۽ گلقند وغيره ملائي کائبو آهي.

پانچاريل : پنجن سالن جي عمر وارو (اٺ)- (و).

پاٽر : ٿر جو حصو. 'سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ٿر جي حصي کي پاٽر جو ٿر سڏيندا آهن' (پ).

پپُوُن : (واحد. پپ) جهنگلي ميوي جو قسم.

پُراڻ : پُراڻو درياءُ ; جنهن جي پوڇڙيءَ جا آثار بدين ۽ ٽنڊي
باگي تعلقن ۾ آهن، ڦٽل درياءُ جا مختلف هنڌن تي مختلف
نالا آهن، جهڙوڪ نندو نيرو، بدرو وغيره.

پُوربيا : اي پورب (اوڀر) ڏي ويندڙ! اي جوڳي-(ش).

پُسِي : جهنگلي ٻوٽي جا ڳاڙها گل، غريب ماڻهن جي ڪاڏي
جي ڪم اچي ٿي.

پِينگهو : مال جي ڦرن ٻڌڻ جي رسي.

پُوربندر : پُوربندر. ’ڪاٺياواڙ جي الهندي طرف عربي سمنڊ تي بندر
آهي. پوربندر جو خاص ذڪر هن ڪري آهي، جو سنڌ جا
وڻجارا غوراب پري اُتي واپار لاءِ ويندا هئا‘ (گ).

پِيچ : (سن، پيڇا) چانورن جي پيڇي يا پڻڙو پٽ، ڪانجهي،
آش-(گ).

ج

جَبات : زباد، مشڪ (ش)

جَبّار : جبر ۽ زور وارو، ڏاڍو. خدا جو صفاتي نالو آهي- (ش)-

جَت : (واحد- جَت) ذات آهي، سسئيءَ بابت سيني سُرن ۾ اڪثر
پنهون جي نالي بدران ’جت‘ لفظ ڪم آيو آهي.

جَکرو : (١) چنيسر جو وزير- (سُر ليلا چنيسر ۾).
(٢) سخي سردار، چام جکرو- (سُر بلاول ۾)- تمثيلي
اشارو بلاول ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ ڏانهن آهي.

جَر : ڏسو: ’جائو‘.

جَسودن : راجا جو نالو. سمن ۾ جسودن مُهڙائي تي گذريو آهي.

جَليل : وڏي مان مرتبي وارو، خدا.

جَماز : (ع. جمازه) تکي ۾ تکو اُٺ- (و). جمع جي صيغي ۾
’جمازن‘ ۽ ’جماجان‘ جي صورت ۾ رسالي ۾ آيل آهي.

جَمال : (ع)، حسن، سونهن.

جَمر : ڏسو: ’جائو‘

جَنبُور : ڪتي جو نالو. ٻڄن جي ڪري ئي اڪثر ڪتي کي
جنبور يا جنبورو چئبو آهي.

جَنت : (ع)، بهشت، Heaven.

جَنڊ : ڏول يا ٻوڪا، جن وسيلي کوهه مان پاڻي ڪڍبو آهي.

جواهر : قيمتي پٿر، هيرا موتي وغيره.

جاجڪ : پرياڻي ۾ عام منگتي کي ۽ سورٺ ۾ ٻيجل کي جاجڪ سڏيو ويو آهي.

جاجڪاڻي : منگتن جي هڪ ذات. هتي معنيٰ آهي جاجڪ جي يا منگتي جي.

جاڙيجا : (واحد. جاڙيجو) سماٽ جي ذات آهي. اڄڪلهه سنڌ ۾ ٺٽي ضلعي ۾ مسلمان ۽ ڪڇ ڪاٺياواڙ ۾ هندو جاڙيجا سڏجهن ٿا.

جانار : جانور، درندو.

جاڻي : ميون جاڻي ڄڻبير. عنايت ڏيري جو پيءُ هو. جيڪو شاه صاحب جو مريد اچي ٿيو، ميون جاڻي کيس واپس ونئي آيو، پر عنايت انڪار ڪيو.

جاڏو : ’جاڏو ــ جڻبر ــ جڙ‘ ٽن جبلن جا نالا آهن. ’لس ٻيلي ۽ قلات جي وچ ۾ قلات رياست جو وڏو ڀاڱو ’جهلاوان‘ نالي آهي. جتي ساوڪ ۽ سبزي گهڻي آهي. اُن علائقي جي جن ماڻرين ۾ وڏا چراگاه آهن، تن مان هڪ جو نالو به ’جاڏو‘ آهي. اُتي جاڏو نالي جبل به آهي، جنهن جي پرسان جهر ۽ جر نالي اُتانهان جبل آهن! (پ)

جوڳياڻي : (مذڪر، جوڳي)، فقيرن جي هڪ ذات آهي. جوڳي پنٿ جي سنڌ ۾ اثر هيٺ هي لفظ عام ٿيو، رسالي ۾ سمئي لاءِ به آيو آهي.

جيهاڻي : ڪيري تعلقي ۾ هنگورنه ڳوٺ جي اُتر طرف ٻن ڪوهن تي هڪ تڙ ــ (ش).

جيسر ميير : جيسلمير. ’جيسلمير شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت ١١٥٦ع ۾ ٻڌو ۽ اُتي قلعو به جوڙايائين. اُنهيءَ اڳئين شهر جو ويرانو اڄ ڏائين هاڻوڪي جيسلمير شهر ۾ ظاهر بيٺو آهي‘. (پ). هي شهر صوبي راجستان پارت ۾ آهي.

ڄ

ڄڻبير : (يا جهڻبير) مير بحرن جي هڪ ذات آهي.

ڄرڪو : وڏي مڇيءَ جو قسم آهي. ننڍين مڇين کي کائي ويندو آهي. اُن ڪري گهڻ کائڻ ۽ لالچيءَ کي به ڄرڪو چئبو آهي، مثلو آهي، اُن ڪري اڪثر ماڻهو کائڻ کان پرهيز ڪندا آهن.

ڇيون : سنهيون ڄيون يا ڄون^.

ڇيٺو : سچو نالو ڇيتلال يا ڇيتانند. شاه صاحب وگند نالي فقير سان خوش طبعي ڪندي ڇيٺو آهي : بصر سين بازار ۾، ڪر واڻيو ڇيٺو.

ڇام : سمان قوم جي سردار يا حاڪم کي ڇام چئبو آهي، رسالي ۾ ڪاموڏ ۾ تماچيءَ لاءِ ڪم آيو؛ پر سسئيءَ جي بيان ۾ پنهون لاءِ به ڪم آيو آهي، اتي 'محبوب' جي معنيٰ ورتل آهي، هونئن ڪنهن به غير سمان کي ڇام نه چئبو.

ڇاماڻي : ڇامن واري.

جهه

جهانگي : جهنگ ۾ رهندڙ (مارئيءَ جا مائٽ).

جهونجهار : بهادر.

جهوناگڙه : هندوستان ۾ هڪ شهر جو نالو آهي، راءِ ڏياچ رياست جهوناگڙه جو حاڪم هو، هي شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گر هرپو (وفات ٨٩٢ع) بڌايو هو؛ (پ)

جهوڪ : 'جهوڪ شريف' تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ ندي پر تاريخي شهر آهي، جنهن جو پراڻو نالو ميران پور آهي، هتي حضرت شاه عنايت (شهادت ١٧١٨ع) جو مقبرو آهي.

ج

جٽون^ : طوطو. Parrot.

جڙو : مينهن وغيره کي آواز پيدا ڪرڻ لاءِ ڳچي ۾ ٻڌڻ وارو ننڍو منڊ.

چارئي يار : عمر ڪوٽ جو حاڪم همير سومرو (١٤٠٠ع ۾ تخت تي ويٺو) ۽ سندس وزير راڻو مينڌرو، سنهڙو ڏماچاڻي ۽ ڏونر پٽي. هتي انهن چئن ڏي اشارو آهي.

چنبيلي : (١) گل جو نالو آهي.
(٢) ٻانهيءَ جو نالو.

چندن : چندن جو ڇورو، سر ڪنب، صندل، سرهاڻ-(ش).

چنگ : هڪ ننڍو ساز، جيڪو وات تي رکي وڄائبو آهي.

چنگ : سنوري، قاسي.

چنيسر : چنيسر سومرو، ديول ڪوٽ جو راجا هو. هن جي حڪومت جو زمانو تيرهين صدي عيسويءَ جي آخر ڌاران آهي، سومرن جي داستان نڪ يا اوڙڪ مان هو.

ٻچٽا : (واحد، ڇٽو) ڪاٺي جا ڇٽا.

چارڻ : ذات آهي. پرياتي ۾ عام منگتي کي چارڻ سڏيو ويو آهي سورٺ ۾ بيجل کي.

چارئي چڱا : اشارو حضرت رسول ڪريم صلعم جي چئن يارن حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني، ۽ حضرت علي مرتضيٰ ڏي آهي.

چانڱو : اُٺ.

چاهڪ : گاهه، سبزو، چراگاهه.

چانڊر : چانور

چپ : (جمع. چبون) Owl ڪنڪڙ کان ننڍو چتڪمرو پکي ٿيندو آهي. گهڻو ڪري ويران ڀِٽن، جهنگلن ۽ قبرستانن ۾ رهندو آهي، اُن جو ٻيو قسم ڇپرو ٿيندو آهي، جو سِرڻ کان ٿورو ننڍو ٿئي ٿو ۽ سندس شڪل ٻليءَ جهڙي ٿيندي آهي. هن کي منحوس يا ڇنڊو سمجهيو ويندو آهي (و).

چِتاڙو : چِتائي روشني، سوجهرو.

چِڙڙي : جهرڪي، Sparrow.

چِلڙ : (١) گپ، ڪچرو.
(٢) گاهه جو قسم.

چِيتو : (جمع. چيتا يا چيتا) چيتو، Tiger چيتا ٻپ جبل پاسي جام ٿين ٿا.' (پ)

چِيڙ : جيت، چيچڙ. هڪ ننڍو جيت جيڪو ڪتن ۽ ٻين جانورن کي چهٽندو آهي.

چِين : چين ملڪ، China، هن ملڪ جو چيني نالو چُنگ ڪو آهي. جنهن جو لفظي مطلب مرڪزي يا وچيون ملڪ آهي. گاديءَ جو هنڌ پيڪنگ اٿس.

چِيهو : گاهه جو قسم آهي.

چِيهو : (جمع. چيها) 'جهرڪيءَ کان ننڍو ۽ رنگا رنگ پکي آهي. سندس ٻوليون ڏاڍيون مٺيون ٿين. گهاٽن وڻن ۽

ساوڻ جهنگلن ۾ پاڻيءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي ۽ فارسيءَ ۾ آن کي سرخاب سڏيندا آهن.'(و)

چڱڪي : ڍنڍ جو نالو آهي.

چوھڙا : (واحد ۽ چھڙو) آچوت، ڀنگي.

چوتاڻي : 'رونجهن مان سپڙ چوتاڻي ٻيلي جو حاڪم ٿيو. چام سپڙ جي پي جو نالو چام چوتا هو' (بلوچ).

چؤسال : چئن سالن جي عمر وارو (اَٽ)-(و)

ڇ

ڇپتر : پراڻو جهاز (ش) ڇپتيون يعني پرزا ٿيل جهاز (گ).

ح

حسن : حضرت اِمام حسن بن حضرت علي ڪرم الله وجهه.

حضرت ميران: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني پيران پير دستگير (١٠٧٨-١١٦٦ع). سندن روضو مبارڪ بغداد (عراق) ۾ آهي.

حب : نديءَ جو نالو آهي، 'هيءَ ندي ڪراچيءَ کان ستڪوه پري آهي. اِها ندي پب جبل جي ٻنهي آتر واري قطار وٽان بلوچستان جي حد مان هلي، ٻه سؤ چاليھن ميلن جو پٽ پسائيندي ڪراچيءَ پريان ڪيپ مانز وٽ عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي' (پ).

حاتم : عرب جي طائي يا طي قبيلي جو مشهور سخي، جيڪو ڇھين صدي عيسويءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

حسين : حضرت امام حسين بن حضرت علي ڪرم الله وجهه. امام حسين عليہ السلام ڪربلا ۾ ڏهين محرم ٦١ھ بمطابق ٦٨٠ع ۾ شهيد ٿيو.

حسيني : هندوستاني راڳ موجب صبح جي راڳڻي آهي. سلطان حسين شرقي واليءَ جونپور ايجاد ڪئي.

حر : حر پهرياڻين يزيد جي لشڪر ۾ هو ۽ پوءِ امام حسين سان اچي شامل ٿيو.

حورون : (واحد ۽ حور) بهشتي مخلوق.

حيدر : حضرت علي ڪرم الله وجهه جو لقب آهي.

خ

خَچر : گڏھ ۽ گھوڙي سان مشابهت رکندڙ بار برداري ۽ سواريءَ جو جانور، Zebra.
خَليل : (ع) دوست. حضرت ابراهيم عليہ السلام جو لقب آهي.
خالق : (ع) پيدا ڪندڙ، خلقيندڙ، خدا.
خان بلوچ : پنهونءَ ڏي اشارو آهي.

د

دَلق : چوغو، گودڙي.
دَرندا : (واحد ـ درندو) خوفناڪ جانور.
دَکن : حيدرآباد دکن (پارت). پارت ۾ ڏکڻ ۾ هجڻ ڪري دکن نالو اٿس.
دَنبورو : طنبورو (ساز).
دَنگي : ٻيڙي.
داسڙو : سومرن جي ذات جي هڪ اوڙڪ يا نک آهي. چنيسر هن ذات سان تعلق رکندو هو. بدين ضلعي ۾ لنواري شريف ويجهو ۽ سنڌ ۾ ڪن ٻين هنڌن تي داسڙن جا ڳوٺ سڃجهن ٿا.
دائودي : حضرت دائود عليہ السلام ڏي اِشارو آهي، دائودي گل به آهي.
دلي : هندوستان جي گاديءَ وارو شهر دهلي.
دوارڪا : هندن جو تيرٿ ۽ هڪ شهر آهي. 'شاه صاحب هنگلاج ڪان پوءِ دوارڪا ويو هو.' (پ)
دولت : ٻانهيءَ جو خيالي نالو آهي.
دوڏڪ : (يا دوڪ) ٻن ڏندن وارو (اُٺ)-(و)

ڊ

ڊُلڊل : حضرت امام حسين جي گھوڙي جو نالو آهي.
ڊَڄ : (سن. ڊَوَڄَ) جهنڊي، ٻانڌڻي، ٻيرق-(گ).
ڊائيون : چانور.
ڊوٻي : ڪپڙن ڌوئڻ وارو. رسالي ۾ اشارو محمد ڊوٻيءَ ڏي آهي، جنهن سسئيءَ کي درياهه مان ڪڍيو ۽ پالي وڏو ڪيو.

ڏ

ڏَنُيري : (مذڪر. ڏنيرو) مڇيءَ جو قسم آهي.
ڏَم : سهڻيءَ جي مڙس جو نالو آهي.

ڏهر : ٻن ٻڙن جي وچ واري سخت زمين کي ڏهر چئبو آهي، ڏهر جو موسيقيءَ سان به واسطو آهي. سنڌ ۾ مخدوم نوح جي سروري سلسلي ۾ اسر ويل ڏهر ڳائڻ جو رواج آهي.

ڏاگهو : (جمع. ڏاگها) ڍور وهيءَ ۾ پهتل آٺ (و).

ڏاڙهون گل : ڏاڙهونءَ جي وڻ جو گل.

ڏانڊ : (جمع. ڏانڊ) ڍڳو.

ڏياچ : راءِ ڏياچ جيڪو ۱۰۰۳ع ۾ جهوناڳڙه جي گاديءَ تي ويٺو سندس راڻيءَ جو نالو سورٺ هو، روايت موجب ڏياچ جي دشمن انيراءِ جي موڪليل چارڻ ٻيجل سر جي صدا اچي هنئين ۽ ڏياچ وچن پاڙيندي پنهنجو سر صدقو ڪيو.

ڏٿ : گاهه ۽ جهنگلي ٻوٽا، جن مان غريب ماڻهو پيٽ قوت ڪندا آهن.

ڏونگر راءُ : دودي چنيسر جي جنگ ۾ جنهن ابڙي پال ابڙي سومرن جون ساميون جهليون، تنهن جو پٽ هو، راوين جي چوڻ موجب ان وقت اٺن سالن جو هو.

ڏوٽي : جهنگلي ٻوٽن ۽ گاهن تي گذران ڪندڙ. (ڏسو ڏٿ)

ڏونرا : ٻير جيڏا جهنگلي ميوا.

ٻ

ٻپ : دوا. جڙين ٻوٽين مان ٺاهيل ديسي دوا.

ٻاڪون : (واحد. ٻاڪ) ڪاري ٻاڪ، ميوو، Grapes.

ٻامڻ : گاهه جو قسم آهي.

ٻ

ٻٽ : 'سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي جا طمعي ٻاڳا به آهن: هڪڙو ٻٽ يعني واريا سو ٻڙن وارو ٻاڳو.... الخ' (را).

ٻاڳي : پراڻي درياءَ جي هڪ شاخ. ٻاڳي ۽ ٻور، جن جو چوڙ ڏيپلي تعلقي ۾ ٻلهار ۾ ٿيندو هو.

ٻور : ٻورو، پراڻو درياءُ. (ڏسو 'ٻاڳي').

ر

رَب : خدا.

رَباب : ساز جو هڪ قسم.

ربابي : رباب وڄائيندڙ.

رجپُوت : راجپوت. 'ٹر جي راڻن جو پهريون وڏو ڏاڏو، جنهن کان وٺي سندن پيڙهي شروع ٿئي ٿي سو پرمار نالي هڪ راجپوت هو'(پ).

رَڃُ : ٿانو، برتن.

رڃائين ريٺ : آنَ. سال کان وڏيڪ عرصو رکي جنهن رڃ جي آنَ کترجي ان رڃ کي 'رڃي' چئبو آهي.

رفيع الدرجات: وڏي درجي وارو، خدا.

رقيب : (ع). راکو، نگهبان، خدا جو هڪ صفاتي نالو به آهي. اکثر عشقيه شاعريءَ (غزل) ۾ محبوب جي ٻئي طلبگار کي رقيب سڏبو آهي. عرب ۾ پرده دار عورتن جي ڏوليءَ سان گڏ هلندڙ نگهبان کي رقيب سڏبو هو.

رُيئُون : جانورن جا پڳل ۽ ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا، پرزا پرزا.

رِدا : چادر.

رازق : رزق ڏيندڙ، الله تعاليٰ.

رام : شري رام: هندن جو اوتار. هُو راجا دسرت جو پٽ هو ۽ وچن پورو ڪرڻ خاطر چوڏهن سال بنواس ۾ رهيو.

رامڪلي : هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي.

راڻو : سر مومل راڻي جو سورمو. راڻو همير سومري جو سالو ۽ وزير هو. مومل جي حُسن جي هاڪ ٻڌي ڪاڪ پهتو ۽ سچو جادوءَ جو ٽڪسات پار ڪري مومل ماڻيائين. نيٺ غلط فهمي سبب مومل کان جدا ٿيو.

راوت : سردار، بهادر.

راول : دوست، محبوب.

راهُو : محبوب ڏي اشارو آهي، نالو به آهي. سنڌ ۾ هڪ مشهور ذات به آهي.

رائڪ : پٽ شاه جي ويجهو هڪ هنڌ آهي.

ريو : چاندي، Silver.

رَڪ : فولاد، Steel.

رُوم : اٽليءَ جي گاديءَ جو هنڌ Rome. قديم زماني ۾ روم جي سلطنت جو ڏاڪو هندين ماڳين وينل هو.

رومي : روم جو رهاڪو. هتي اشارو فارسي زبان جي مشهور شاعر مولانا جلال‌الدين روميءَ (۱۲۰۷ – ۱۲۷۱ع) ڏي آهي، جنهن جي مثنويءَ جو شاه صاحب تي گهڻو اثر هو.

رونجهو : ذات آهي. مشهور 'سپڙ سخي' ذات جو رونجهو هو. 'سپ کان اول جنهن سنڌي قوم لس ٻيلي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، سي رونجها هئا.' (بلوچ) سنڌ ۾ به رونجها رهن ٿا.

ري : ڪسوٽي

ريبارو : پيغام ڪڻي ويندڙ. ذات به آهي. اڪثر سنڌي شاعرن پيغام نبيءَ جي نسبت ڪري حضرت رسول ڪريم صلعم کي به ريبارو سڏيو آهي.

ريٽ : درياءُ يا واه جي پُسيل مٽي يا واري.

ريل : سيڙهه، زمين جو اهو ٽڪر جنهن ۾ چاري لاءِ گاه پوکجي.

ريٽو : رڱيل ڪپڙو.

روجهه : '(پرا. روجهو < سن. رشيه) آچن ٻيرن وارو هرڻ– (گ) 'هڪ مشهور پهاڙي جانور آهي، جنهن کي جابلو گينون به چوندا آهن. ڏاڍو متارو، رنگ جو ڪارو پورو ڳاڙهو ٿيندو آهي. شاه صاحب اُن کي روجهڙي تصغير سان به آندو آهي–'(و).

روجهڙيون : هرڻ جو قسم آهي. (ڏسو. روجهه).

روڏو : (جمع. رڏ) اُٺ لاءِ ڪم آيو آهي. اُٺ جنهن کي ٻچا نه هجن ۽ ٿوڙهو هجي.

روضي پاس : روضي وٽ. مديني شريف ۾ حضرت نبي ڪريم صلعم جي روضي مبارڪ ڏي اشارو آهي.

روضو : حضرت رسول ڪريم جي مبارڪ مقبري ڏي اشارو آهي.

ز

زهر : زهر، Poison

زاغ : ڪانگ، ڪانءُ، Crow

س

ستار : (ع) ستر ڪندڙ عيب ڍڪيندڙ، پردو پوش ڪرڻ وارو، الله تعاليٰ جو صفاتي اسم آهي.

سَپ : نانگ، Snake.

سَپڙ : لس ٻيلي جي سخي حاڪم جو نالو آهي، جيڪو ذات جو رونجهو هو.

سَر : هڪ ٻوٽو آهي؛ جيڪو واهن ۾ ڪسين جي ڪپن تي اُڀرندو آهي (گ).

سَردار : اڳواڻ، محبوب.

سَرو : (سن. سَرَڪَ، سُرا) شراب (گ).

سَرواڻ : (ف. ساربان) قافلي جو اڳواڻ، رهبر. جديد فارسيءَ ۾ سردار کي 'سَرَ' به چئبو آهي، جمع اٿس 'سَران'.

سَرَهَ : Ibex، 'هرڻ يا ڦاڙهي جي شڪل جو جهنگلي جانور آهي، هين جا سڱ تمام وڏا ٿيندا آهن. جبلن ۾ رهي ٿو. ڪاڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ۽ سوادي ٿئي ٿو. هين جانور جو پيتو ڪيترين ئي بيمارين ۾ ڪم اچي ٿو'(و).

سَسو : گهيٽو.

سَسئي : سُورميءَ جو نالو آهي، جنهن جي پنهونءَ سان پريت ۽ پوءِ شادي ٿي. هوءَ محمد ڪنيءَ جي پاليل ڌيءَ هئي. روايتن موجب سندس اصل پيءُ جو نالو نائون هو ۽ ماءُ جو منڌر.

سَگبان : (ف) ڪتا رکندڙ.

سَمرقند : ترڪستان جو مشهور شهر آهي - اڄڪلهه سوويت روس ۾ آهي.

سَمو : ذات آهي، سمات قبيلي جي فرد کي به سمو چوندا آهن. پرياتيءَ ۾ سپڙ سخيءَ کي ۽ ڪاموڏ ۾ تماچيءَ کي شاهه صاحب سمو سڏيو آهي.

سَميع : (ع) ٻڌندڙ، خدا.

سَناسي : سنياسي، جوگي، تارڪ، رمتو فقير وغيره.

سَنڊ : ترڻ لاءِ ساندارو.

سَنک : ساز جيڪو جوگي وڄائيندا آهن.

سَنگهارَ : (سن. سَنگهه = ڌڻ + آر) مال تي گذارو ڪندڙ، مارئيءَ جا مائٽ (مونث - سنگهاربون).

سڱرَ : کنبيءَ جي وڻ جون سڱريون يا ڦرهيون جيڪي پڇيءِ کائيندا آهن.
ساٽي : مڇي پلو وڪڻندڙ.
ساڏوهي : چار جو وڻ، کيڙ.
سارنگ : مينهن جي موسم، ميگهه ملهار. هڪ راڳڻيءَ جو به نالو آهي؛ جنهن جي نسبت توڙي تاثر برسات جو آهي.
سارنگي : ساز جو قسم آهي.
سال : اوڻ جي شال.
سامارو : ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ شهر آهي.
سامي : (سن. سوامي) فقيرن جي هڪ ذات، جيڪي اڪثر خانه بدوش هوندا آهن ۽ سَرو يا ٽولو ڪري هلندا آهن. لاڙ ۽ ٿر جي پاسي گهڻو وقت رهندا آهن. اهڙو هڪ وڏو سَرو گذريل ويهن سالن کان لاڙ طرف رهيو آهي، جنهن جو وڏو فقير نانو هو، ڪانئس پوءِ سندس ڀاءُ ڪانيئو آهي.
ساڳ : سائي ڀاڄي.
سانگي : مالدار ماڻهو جيڪو مال جي گاهه ٻُٽي سانگي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پيا لڏي پلاڻي هلندا آهن.
ساهڙ : (سن، سَتهارد) محبوب، پيارو، مهار.
سانوڻ : گاهه جو قسم آهي، هن جو سلو ڏگهو ٿئي ٿو، اهو جي داڻي جيڏو آن منجهس ٿئي ٿو، جنهن مان پٽ توڙي ماني ٺهي ٿي.
سِپَ : هڪ سامونڊي ڪوڏ. مينهن جي پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو وات ۾ پوندو اٿس ته اهو موتي ٿي پوندو آهي.
سِند : موجوده سنڌ صوبو؛ جو تاريخ جي مختلف دورن ۾ هڪ خود مختيار ملڪ به رهيو آهي.
سِرکنڊ : (سن. شري کنڊ) صندل، چندن، خوشبوءِ.
سِرو : اُتر (سنڌ). سيراندي.
سِکر : ڪڇ جي هوٿل پدمڻيءَ جي ڏيءَ هئي. سندس پيءُ جام آڍو هو. روايت موجب سندس هڪڙي پٽ جو نالو جادم جکرو هو.
سِڱيڙي : سڱي، هڪ ساز جيڪو ڦوڪ سان وڄندو آهي.

سيارچ : ڳاه جو قسم آهي. پاڇي ڪري ڪم ۾ آڻجي ٿو.

سيراهي : اهو اوزار جنهن سان واڍو ڪاٺ ۾ سٽل يعني سوراخ ڪيندو آهي.

سيڻاه : ڇيڙي سان ٺهيل سانداري، جنهن کي ڦوڪي آن جي سهاري تار پاڻيءَ ۾ تربو آهي.

سيه : شينهن.

سيهو : (سن. سيسڪ) شيهو، هتي 'خسيس شيون' (گ).

سبحان : الله تعاليٰ.

سرنايون : شرنايون، ساز وغيره. چين جي صوبي سين ڪيانگ جي ٻوليءَ ۾ به شرناءَ کي 'سرنا' چئبو آهي.

سرندڙو : سرندو (ساز).

سهڻي : تلا ڪنڀر جي ڌيءَ هئي، جنهن جو ميهار سان عشق ٿيو. هي رومان مغل بادشاه شاهجهان (١٦٢٧-١٦٥٥ع) جي زماني جو چيو وڃي ٿو.

سورت : هندوستان جو هڪ مشهور شهر آهي.

سومرا : (واحد، سومرو) ذات آهي.

سونهو : (گجراتي، سوڻ) ميخون، ڪاٺ جا ڪيل (گ) ڪلا.

سيل : ڪنڊو.

سيسار : (سن. ششومار؛ ف. سوسمار) رسالي ۾ 'سنسار' به ڇپيل آهي، سيسر يا سيسار عام اچار آهي، هي واڳونءَ جيڏو درياهي جانور آهي.

سوپاري : Nut لاڙ ۾ خاص طور سوپاريءَ کائڻ جو گهڻو رواج آهي. ڪٿر ڪري پان ۾ به وجهندا آهن.

سوڍو : (مونث، سوڍي) راڻو. جتي مونث جي صيغي ۾ اچي ٿو اُتي عام طور مراد مومل يا سهڻي عورت آهي. سوڍن جي ذات به آهي. 'پرمار ڪان ڪيترين پيڙهين پوءِ سوڍو ڄائو، انهن ٻن وڏن ڏاڏن جي نالن پٺيان ٿرجا راڻا پاڻکي پرمار سوڍا راجپوت سڏائين ٿا' (پ).

سورٺ : (١) جهوناڳڙه جي حاڪم راءِ ڏياچ جي راڻيءَ جو نالو آهي (٢) راڳڻيءَ جو سنڌي نالو آهي، جنهن کي هندوستاني راڳ ساگر موجب 'ديس' سڏجي ٿو.

سون : سون، Gold .
سونَ سَرِيَ : سونن مٽين واري مالها .
سوڙيرو : سَرمو. 'سوئيريائي' يعني سوئيري ڪانءُ ۾ .

ش

شَبان : ڌراڙ، ڌنار، مال چاريندڙ .
شتر : (ف) اُٺ .
شجر : (ع) وڻ .
شَفيع : (ع) شفاعت ڪندڙ، ڇوٽڪارو ڏياريندڙ، اشارو نبي ڪريم صلعم ڏي آهي.
شهباز : وڏو باز، پکي، عقاب.
شهزادا : (واحد ، شهزادو) هتي اشارو حضرت امام حسين رضہ ۽ ٻين امامن ڏي آهي.

ص

صراف : سونارو، Goldsmith.
صابڻ : ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ، Soap.

ط

طَهُورا : پاڪ شراب، شراباً طهورا .
طُور سينا : جبل جو نالو ، حضرت موسيٰ سان نسبت اٿس ، جتي الله تعاليٰ جو جلوو پسڻ لاءِ حضرت موسيٰ ويو.
طُيور : (واحد، طير) پکي .

ع

عبد : (ع) ٻانهو .
عبداللطيف : شاه صاحب جو نالو آهي. ڪن بيتن ۾ پنهنجو نالو 'لطيف' ۽ ڪن ۾ 'سيد' آندو اٿس. شاه صاحب ١٦٨٩ع ۾ ڄائو ۽ ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين.
عَبِير : هڪڙو عمدي قسم جو ڪپڙو، جو عبيري رنگ جو ٿيندو آهي. (ق)
عزازيل : فرشتن مان هڪڙو فرشتو، جنهن حضرت آدم کي سجدو نہ ڪرڻ سبب تڙجي ويو.
عطار : لفظي معنيٰ عطر وارو . فريدالدين عطار فارسيءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.

عطائي : ميراثي، مگڻهار، گويو.

علاؤالدين : تاريخن ۾ علاؤالدين بابت ڪافي اختلاف آهن. سنڌ جي عام روايتن موجب هي اُهو شخص هو، جيڪو چنيسر جي چُرچ تي سنڌ تي ڪاهي آيو هو.

علي شاه : حضرت علي ڪرم الله وجهه. اِسلام جو خليفو (٦٥٥-٦٦٠ع) ۽ رسول اڪرم جو سوٽ ۽ نياڻو هو.

عليِ شير : ڏسو 'علي شاه'

عاجَ : عاجَ هاٿيءَ جي ڏندن مان هٿ ايندي آهي. هن مان چوڙيون، ٻانهون ۽ ٻيون ڪيتريون شيون ٺهنديون آهن.

عادنئون : عدن کان. 'عدن گِهاڙهي سمنڊ جي مُهڙ وٽ وڏو بندرگاه آهي'. (گ)

عارف : (ع) سڃاڻڻ وارو، معرفت وارو، اهل دل.

عِراقِي : عراق جا. عراق ملڪ جي گهوڙن ڏي اشارو آهي.

عِزرائيل : حضرت عزرائيل، موت جو فرشتو.

عِناتا : اي عنايت. عنايت فقير ڏيرو ، جيڪوجاني ڏيري جو پٽ ۽ شاه صاحب جو صادق اليقين مريد هو. ٻيءَ جي چوڻ تي ٻه گهر نه موٽيو ۽ شاه صاحب جي خدمت ۾ رهي پيو.

عُمر : عمر بادشاه، جنهن اره زورائي ڪري ماروئي ڌر مان ڪئي. 'هي عمر سومرو ٻيو ليکجي ٿو، هن ١٣٥٥ع کان ١٣٩٠ع تائين [عمرڪوٽ تي] حڪومت ڪئي' (پ).

عُمرڪوٽ: شهر جو نالو. هي شهر ضلعي ٿرپارڪر ۾ آهي. تاريخن ۾ آيو آهي ته عمرڪوٽ جو اصل نالو امرڪوٽ هو ۽ سوڍي امرسنگهه جي نالي پٺيان امر ڪوٽ يا امرپور سڏبو هو ۽ عمر سومري کان گهڻو آڳاٿو هي شهر موجود هو.

غ

غَواص : (ع) ٽوٻو، ٽٻي هڻندڙ (گ).

غُلام : ٻانهو، نوڪر.

ف

فَتاح : (ع) کوليندڙ، مشڪل آسان ڪندڙ خدا.

فارسي : فارسي زبان Persian .

فائق : (ع) فوقيت رکندڙ خدا.

فِردوس : جنت‌الفردوس، بهشت، Heaven ۔
فِيل : (ع) هاٿي، Elephant .
فيروزو : قيمتي پٿر، جنهن جو نگينو منڊيءَ ۾ جڙبو آهي ۔

ق

قَره : برسات جي موسم ۾ تر ۾ هڪڙو بوٽو ڄمندو آهي، جنهن کي ٻه ونگ چوندا آهن. اُن جي سنگن ۾ داڻي وارو اَن ٿيندو آهي، تنهن کي قره چوندا آهن (گ).
قاروان : (يا قاروا) ٻيرن جيڏو ڪٺو ميوو، (واحد ـ قارو).
قِلنگِي : ’يا فرنگي‘ فرنگ لفظ جي بگڙيل صورت آهي ۔ جرمن قومن جن فرانس کي ڇهين صدي عيسويءَ ۾ قبضي ۾ آندو هو، تن کي اصل ۾ فرنگ ڪري چوندا هئا. رفتي رفتي اهو لفظ سڀني يورپي قومن سان لڳايو ويو‘ـ (گ)، رسالي ۾ حملہ آور يا دريائي چورن لاءِ ڪم آيو آهي ۔
قِيمُ : کجي. تازي ڏڌل کير جي مٿان ڳڙ تيل کجي.
قُنگيون : ڪنيون، جي مينهن پوڻ تي زمين مان اُڀرنديون آهن ۔ ڪاڏي جي ڪم اچن ٿيون.
قوتا : (واحد ـ قوتو) (١) ننڍيون ايلاچيون.
(٢) ٻاڻيءَ تي اُڀربل ڦوڦيندو ۔

ق

قَرَنفُل : (ع. قرنفل) لونگ، اصل يونانيءَ ۾ ’قرنافول‘ (گ).
قَضاڪ : قزاق، ڌاڙيل ۔ قزاق هڪ قوم به آهي، جنهن جي گهڻي آبادي روسي ترڪستان ۽ چين جي اولهہ واري صوبي سن ڪيانگ ۽ اُن جي آس پاس موجود آهي.
قضاڪِي : ڌاڙو، ڦُر. ڏسو ’قضاڪ‘.
قَلات : بلوچستان جي هڪ ڏيهي رياست جنهن جي گاديءَ واري شهر جو نالو به قلات آهي ۔ رياست جي حيثيت هاڻي ختم ٿي چڪي آهي ۔ آخري حڪمران خان احمد يار خان هو.
قَندار : افغانستان جي هڪ شهر جو نالو آهي ۔
قَوال : ڳائيندڙ، قوالي انداز جو ڳائيندڙ ۔

قابيل : حضرت آدم جي پٽ جو نالو، جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل
کي قتل ڪيو هو. (ش)

قادر : (ع) قدرت وارو. خدا جو صفاتي نالو.

ڪ

ڪَتي : صاف ڪيل ۽ ڪَتيل آن مان ٺهيل لوٽي.

ڪَپاه : ڪپھ Cotton

ڪَپُور : ڪافور، سرهاڻ (ش).

ڪُچ : شيشي جا ڪُوڙا ڇوڙا (ش).

ڪُنچر : نانگ جو قسم.

ڪڇ ڪنار : ڪڇ رياست جو پاسو. ڪڇ رياست سنڌ جي ڏکڻ اوير
۾ آهي. اڄڪلهه هندستان جو حصو آهي. ڪڇ جي گاديءَ
جو هنڌ ڀُڄ آهي. ڪڇي ٻوليءَ کي سنڌيءَ جو هڪ اهم
محاورو ڪري به ليکيو وڃي ٿو.

ڪَٽيفو : (ع. قطيفة) ريشم، پٽ.

ڪربلا : عراق ۾ ڪربلا جو ميدان جتي حضرت امام حسين جي
جانثارن ۽ يزيدي لشڪر جو مقابلو ٿيو.

ڪُرَ ءُ : ڪرهو، اُٺ.

ڪرهو : اُٺ.

ڪَريم : ڪرم ڪندڙ، مهربان، خدا جو اسم صفاتي.

ڪشمير : هند پاڪ ننڍي کنڊ جو اُتريون صوبو. هاڻي هن صوبي
جو هڪ حصو هندوستان ۾ شامل آهي. ٻيو حصو آزاد
ڪشمير سڏجي ٿو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ مظفرآباد
آهي.

ڪعبو : ڪعبة الله شريف (مڪي شريف ۾).

ڪڪوه : (سن. ڪُڪپ) شراب (گ).

ڪلاچي : عربي سمنڊ ۾ ڪلاچيءَ جو ڪُن مشهور آهي، جنهن ۾
مورڙي ميربحر جي ڀائرن کي مانگر مڇ نهوڙي نيو ۽
مورڙي آخر اُن مڇ کي ماريو. ڪوجنا موجب ڪراچيءَ
جو شهر ڪلاچيءَ جي ڪُن جي قريب آباد ٿيو. رسالي ۾
ڪلاچيءَ کي ڪلاچ به چيل آهي.

ڪلاچ : سرندو، ڪنرو، سار.

ڪَنُجرو : ڳچ جو قسم، ٽر ۽ لاڙ ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن تي ان جو رواج عام آهي. ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ وارن لاءِ آيل ڳچ يا ڪنجرو آهي. جن تي ڳچ سونا ٽانڪيل ۽ ٻئي پرت جو رواج عام آهي. هڪڙن ڳچن ۾ داوڻ ڏئين لاڳيتو پرت ٿئي ٿو ۽ ٻين ۾ سڀني ڪان هيٺ اسو ڪپڙو ڳنڍيل هوندو آهي، تنهن ڪي ٻيٺيءَ وارو ڳچ چئبو آهي. اڪثر قومون ڳچ ۾ ٻئيءَ وارو ڪپڙو ڪم ڪونه آڻين، فقط ڪَهون يا ڏوري ٻڌن.

ڪنبدو : ڪنڊي يا ڪنڊيءَ جو وڻ.

ڪَنَ ڪَٽ: جوڳي جن جا ڪن ڪٽيل هجن. يا وارن پائڻ لاءِ چيريل هجن.

ڪَنگ : (سن. ڪنڪ) ڊگهي ڳچيءَ ۽ ڊگهن ٽنگن واري پاڻيءَ جو پکي، جيڪو مڇي کائيندو آهي. (ک).

ڪَنچل : (سن. ڪانچن) سون Gold.

ڪَنوات : ننڍو اَٽ.

ڪنوتيا : ڏسو 'ڪن ڪٽ'.

ڪُنير : خورد بيني: جنهن ڪري اک تي چاڙهي سنهيون شيون ڪري ڏسبو آهي. هڪ قسم جو Microscope.

ڪُنيزڪ : ٻانهي. فارسي ۾ اسم تصغير ڏيکارڻ خاطر 'ڪ' پڇاڙي اچي ٿي. جيئن 'دختر' مان 'دخترڪ'.

ڪُهڪان : وهٽ، گهوڙو. هن لفظ تي لغت نويسن ۾ ڪافي بحث هليو آهي. گربخشاڻيءَ جي ورتل معنيٰ تي تنقيد ڪندي پروفيسر پيرومل سنڌو رسالي ۾ هن لفظ جي به آڇار ڪئي. سسئيءَ ۾ 'ڪيڪان' آيو آهي. گهوڙي سان گڏ آٽ معنيٰ به ورتي آهي.

ڪابل : افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ.

ڪابول : ڏسو 'ڪابل'.

ڪاتب : (ع) لکندڙ خدا.

ڪاپٽ : ڪاپڙي، جوڳي فقير ڏسو 'ڪاپڙي'.

ڪاپڙي : 'جوڳي فقيرن جو هڪ قسم آهي، جي گيڙوءَ رتا ڪپڙا پائيندا آهن'. (گ)

ڪاڇو : دادو ضلعي ۾ جبل ۽ ميداني علائقي جي ڪڇ (بغل) يا

وچ وارو علائقو جوڻي ، پٽ گل محمد ۽ پاڻدي واهي وغيره ۔

ڪامارو : حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ مشهور شهر ۔

ڪارايل : مور Peacock ۔

ڪارايو : ڪتو. شايد رنگ جي ڪري ڪتي تي اِهو نالو رکن ٿا.

ڪارو : نديءَ 'ڏڪر' جو نالو آهي.

ڪاڪ : ڪاڪ نئن يا ندي، جتي مومل جو محلات هو. 'جنهن جو منهن جيسلمير ڪان سادا آٺ ڪوه پري آهي'(پ).

ڪانڀو : نديءَ ڏڪر جو نالو آهي.

ڪانگ : ڪانءُ Crow ۔

ڪانه : (سن. ڪانڊڪ) ڪوڙو سترو

ڪانيرو : پکيءَ جو قسم آهي.

ڪانڊيرو : جهنگلي ٻوٽو، جنهن ۾ ڪنڊا ٿيندا آهن.

ڪانڊين : 'ڪانڊين ڏانڊين ڀاڀرين' يعني ڪڪڙي ۽ ٻير جي ڏانڊن سان. اِنهن ٻن قسمن جي ڪاٺ کي ساڙجي تہ مان جيڪي ڏانڊا يا ٻاه ٿئي.

ڪرڙ ڪريرِ : ڪرڙ جو ٻوٽو وغيره ۔

ڪراڙ : ڀٽ شاه جي ڀرسان هڪ ڍنڍ ۔

ڪشتيبان : ڪشتي يعني ٻيڙي هلائڻ وارو ٻيڙياتو يا رهبر ۔

ڪينجهر : ڍنڍ جو نالو آهي ۔ هيءَ ڍنڍ ٺٽي ضلعي ۾ هيلاين واري ڏڪريءَ جي ويجهو آهي ۔ اڄڪلهہ سير تفريح لاءِ سنو هنڌ آهي. هتي ريسٽ هائوس بہ آهن.

ڪينر : ڪينرو، ساز، سرندو.

ڪيڪان : گهوڙو. 'ڪان لفظ سنسڪرت ڪانڀ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گهوڙو: ڪي لغت نويس ڪي ۽ ڪان گڏيندي ڪيڪان ڪري ٿا پڙهن، هاڻ آهو ڪيڪان لفظ بہ لغتن ۾ درج ٿي، سنڌي ٻوليءَ جو جزو بڻجي ويو آهي' (گ).

ڪَڙ : (واحد. ڪَڙ) ٻنڊا، ڪنن جا زيور.

ڪلال : (سن. ڪلال؛ ف. گلال) ڪنير-(گ) ۔

کنئرَ : نيلوفر يا ڪوئين جو هڪ قسم. ڪنئر ڪوئيءَ کان وڏو ٿيندو آهي. ڪوئيءَ وانگر گل پاڻيءَ جي مٿاڇري تي نظر ايندو اٿس.

ڪنڌيون : ڪنڌين سڱن واريون مينهون.

ڪنر : (سن. 'ڪنڌل') والا. 'شيشي يا ڪاٺ جا چڪرا جيڪي جوڳي ڪنن ۾ پائيندا آهن'-(گ).

ڪونجَ : پکيءَ جو قسم آهي. ڪونجن جو اصل وطن روه يعني جبل آهي.

ڪوفي : ڪوفي شهر جا رهاڪو.

ڪوٽڙي : ڳوٺ جو نالو آهي. شاه صاحب جو اشارو 'ڪوٽڙي مغل' ڏي آهي. هي ڳوٺ مرزا مغل بيگ جي نالي تي تعلقي هالا ۾ هو. هونئن سنڌ ۾ ڪوٽڙي نالي سان ٻيا شهر به آهن.

ڪوڏر : جهنگلي ميوو.

ڪوري : ڪپڙو اُڻندڙ Weaver.

ڪؤنر : ڪنول جا گل، نيلوفر، محبوب.

ڪؤنرو : راءِ ڪنگهار جي ڏيءَ ڪونرو، جنهن چنيسر سان چاهه رکڻ جي چاڪ پڌي، ماءُ سان گڏجي ديول ڪوٽ ۾ اچي هار جي لالچ تي ليلا کي هرکائي ۽ ٻوه ڪري چنيسر سان ويندي پڙهائي ۽ اُن ڪري چنيسر پنهنجي راڻي ليلا سان رُسي ويو.

ڪوول : ڪوئل پکي.

ڪوهيارو : ڪوه وارو، جبل وارو يعني پنهون، سر ڪوهياريءَ تي اِهو نالو اُن ڪري پيو آهي. سنڌي راڳڻي جو نالو به ڪوهياري آهي.

ڪيٽائي : 'ٿر ۾ هڪ ٽڙ جو نالو آهي، جيڪو واڳين جي ٽڙ کان ڏي ڪوه ڏکڻ طرف آهي'-(گ).

ڪيچ : مڪران، پنهونءَ جو وطن.

ڪيچ ڌڻي : ڪيچ جو ڌڻي، پنهون.

ڪيڏارو : (١) جنگ جو ميدان. (٢) راڳڻيءَ جو نالو آهي 'ڪيدار'.

ڪيهر : ڪيهر شينهن يعني وڏو شينهن.

ڪ

ڪَٿِڙ : چاربون.

ڪٿوري : ڪستوري، مشڪ، خوشبوءِ.

ڪَٿِي : ٿر ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ اُن مان ٺهيل هڪ قسم جو ديسي بلئنڪيٽ. ڪٿي لسي به ٿئي ٿي ۽ ڄرائين واري به.

ڪَڻَرَ : ڪڻون يا ميٿيون وغيره جيڪا ميڙڻ مهل لت هٽي هلي وڃي ۽ آسانيءَ سان نه مڙي.

ڪَٿِي : ڌوٻي يا ڪپڙا رڱيندڙ. عام طور ٻهراڙين ۾ ڌوٻيءَ کي به ڪٿي چون ٿا.

ڪَپِر : وڏو نانگ.

ڪَر : (ف. خر) گڏهه، دشمن، رقيب.

ڪَرڙ : اوني فراسي. بستري تي پٿرائيءَ هيٺان فراسي وڇائبي آهي. ڪرڙ يا ڪرڙي به فراسيءَ وارو ڪم ڏي ٿي.

ڪَرڪٽا : ٻين جون نوڙيون وٽي اُنهن مان ٺاهيل جُتيون.

ڪَرڪو : وڏو متر يا چڙو، جيڪو ٻورن جي ڪنڌ ۾ ٻڌبو آهي.

ڪنڀات : ’ڪنڀات هڪ ڏيهي رياست آهي، جا گجرات [پارت] جي اُهندي طرف آهي. ڪنڀات جي نار جي مُهڙ تي ڪنڀات جو شهر آهي-‘(پ). اڄڪلهه ڪنڀات ڪنهن رياست جو نالو ڪونهي. (٢) ڪنڀات يا ڪمپوتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو به آهي.

ڪَڙڳ : تلوار.

ڪنڱهار : راءِ ڏياچ کي ’سر سورٺ‘ ۾ راءِ ڪنڱهار به سڏيو ويو آهي. ڏسو ’ڏياچ‘.

ڪاتونبا : (واحد ڪاتونبو) ٻير جيڏو ڪٿو مٺو ميوو.

ڪارڪون : (واحد ڪارڪ) سڪل ڪجور. ڪارڪون شادين جي موقعن تي ورهائبيون آهن.

ڪارو : سنڌ (پ).

ڪاروڙو : ننگر پارڪر جي ڏکڻ طرف هڪ ڳوٺ جو نالو آهي-(گ).

ڪاموڙي : سيلاني فقير.

ڪاهي : ڏاس جو ٺهيل ٻورو، ڳوڻ.

ڪاٺَر : ٿر جو هڪ طبعي ڀاڱو. ’اهو ٿر هالوڪي ڪپري تعلقي جي ڳوٺ ڇتونگي وٽان هلي، امرڪوٽ ۽ ڇاڇري تعلقن

جي آتر وارو باسو وٺي جيسلمير ۽ بارمير جي وچ ٽي
دنگ ڪري ٿو‘ (پ).

ڪيروليون : (واحد. ڪيرولي) ’هڪ قسم جو گاه آهي، جو پوسل وارين جاين تي ڄمندو آهي. سندس ٿارين ۽ پنن ۾ کير جهڙي اڇي رس ٿيندي آهي‘ — (گ).

ڳنڀو : شاديءَ جي موقعي تي اوڻ جو ڳاڙهو چٽيل ڪپڙو. هن تي لاک ۽ ٻين مصالحن سان گل ٻوٽا چٽيل هوندا آهن.

ڪيهر : گاه جو قسم آهي.

ڪوهيا : (واحد. ڪوهو) ’سن. ڪوپڪ — ڪاٺيءَ جو ڏگهو لڙهو، جنهن تي سڙهه پکيڙيندا آهن‘ — (گ).

کهر : (نا کهنر) وڻ جو قسم آهي، جنهن ۾ ڪوئر پيدا ٿيندو آهي. آن ڪوئر کي کهري ڪوئر چئبو آهي.

کيٽڙا : (واحد. کيٽڙو) پراڻا ۽ ڇڄل جوتا.

گ

گابري : گودڙي.

گجميل : ’گجمير‘ شهر جو نالو آهي. رڪ، فولاد — (ش).

گڏو : مٽ پرتل.

گاڙنگ : ڀٽ شاهه جي ويجهو هڪ هنڌ جو نالو آهي.

گنجو : گنجو ٽڪر. هي ٽڪر حيدرآباد جي ويجهو آهي، هيئر هن ٽڪر جي آتر اولهه طرف شاهه لطيف آباد ۽ ٻئي طرف دامن ۾ زيل پاڪ سيمنٽ فيڪٽري آهي. ڏکڻ ۾ هي جبل ڪافي ايراضيءَ تائين پکڙيل آهي.

گنڌ : ڏنڊ جا لوڙه يا لوڙهيون.

گندري : (مذڪر. گندرو) ميربحرن جي هڪ ذات آهي. رسالي موجب نوري ذات جي گندري هئي. گندرن جي آبادي ٺٽو ڪري نئي ضلعي وارين ايراضين ۾ آهي.

گنگا : گنگا ندي، Ganges. هن نديءَ کي هندو پاڪ ندي ليکيندا.

گابو : (جمع. گابا) ڳئون جو ڦر.

گاذر : (ف) ڌوٻي.

گاروڙي : ’نانگ منڊيندڙ فقير‘ — (ش).

گرنار : جهوناڳڙه جي ويجهو گرنار نالي سان ٽڪري آهي، هن ٽڪريءَ تي راءِ ڏياچ جي محلات جا آثار اڃان موجود آهن.

گجريون : (واحد. گجر) گجر ذات جون سهڻيون ڇوڪريون.

گلبوءِ : پانهيءَ جو خيالي نالو.

گگري : (جمع. گگريون) وڻ جو قسم آهي. 'ٿر ۾ ٿئي ٿو'-(ق) 'ٿوهر جيڏو وڻ ٿيندو آهي؛ منجهس هڪ قسم جو ڪوئر ٿئي، تنهن کي گگر چئجي ٿو'-(گ).

گنگو : گونگو. اُن ڏي اشارو آهي.

گودڙين : گودڙي اوڍيندڙن.

گورکنات : گرو. مرشد. نالو به آهي.

گورو : (جمع. گورا يا گوندرا) ننڍو اُن، بلڪ اُهو جيڪو ڦر هجي ۽ ڪنوات جي وهيءَ کي به نه پهتو هجي.

گول : (جمع. گولون) گولاڙن جي ول ۾ ننڍي ٽماٽي جيڏو ميوو ٿيندو آهي. گول ڪچي هوندي آهي ته سائي رنگ جي ۽ پچڻ کانپوءِ ڳاڙهي رنگ جي ٿيندي آهي. ڏراڙ پنهوار شوق سان کائيندا آهن.

گولاڙو : هڪ قسم جي ول ٿيندو آهي. ڏسو 'گول'.

ڳ

ڳانگو : (جمع. ڳانگا) ليار جهڙو جابلو ميوو (ش).

ڳجهه : پکي، جيڪو خاص طور ڍورن تي مارو ڪندو آهي، Vulture.

ڳريو : (جمع. ڳريا) ٻهڙيءَ جي مهري جي ٻنهي پاسن ڪاٺ جا ڪلا- (گ).

گهه

گهاتو : مڇي ماريندڙ.

گهوڙا : (واحد. گهوڙو) گهوڙو Horse.

ل

لکي : لاکي ڦلاڻيءَ جي گهوڙيءَ جو نالو آهي.

للو : پاڻيءَ جو هڪ پکي.

لنب : گاهه جو هڪ قسم. هن ۾ سنهڙو سنهڙو اَن به ٿيندو آهي. غريب ماڻهو اُهو کائيندا آهن.

لنڪا : ملڪ سري لنڪا. قديم نالو سرانديپ اٿس. ماضي قريب

۾ نالو سيلون رهيو. هاڻي سرڪاري طور ملڪ جو نالو 'سري لنڪا' اختيار ڪيو ويو آهي. هي ملڪ ٻيٽ جي صورت ۾ هندي وڏي سمنڊ ۾ هندوستان جي ڏکڻ ۾ آهي.

لنگها : (واحد. لنگهو) منگڻهار، منگتو فقير. پنجاب ۽ سنڌ ۾ هڪ ذات آهي.

لٽيا : (واحد. لٽو) لٽيءَ جو وڏو وڻ-(گ).

لٽيون : (واحد. لٽي) لٽيءَ جو وڻ، وڏو وڻ هوندو ته 'لٽو' چئبو.

لاچوبند : رسين جا ٻنڌڻ، جيڪي جهاز ۾ ڪم ايندا آهن-(گ). ٽوٽي، ڦاڙڻ-(ش).

لاڙ : ٻاڻان لائي هاڻ.

لاک : لاک جو رنگ، جيڪو ڪنهن ۽ لوڻين وغيره کي ڏنو آهي. ڪاٺن تي لاک سان گل ٻوٽا به ٺاهيا آهن.

لاکو : لاکو ڦلاڻي. 'لاکو ٻٽ ڦل جو، هڪ ڏاڍو مڙس هو. ڪڇ ۽ سنڌ جي ڏاکڻي علائقي ۾ سندس ڏاڪو هو. سندس زمانو ١٢٠٠ع کان ١٣٠٠ع تائين ليکي ٿو-(بلوچ).

لال : لعل.

لاٺا : (واحد. لاٺو) هڪ جهنگلي ٻوٽو آهي.

لاٺي : جهنگلي ٻوٽو. مٿي لاٺيءَ مان سائو ساڳ ٿئي ٿو ۽ ڪاري اٺ کائين ٿا.

لاهوتي : 'صوفين جي آخري منزل تي پهتل فقير-(ش).

لاهوت : 'ڪراچيءَ کان لاهوت ڏي وڃڻ لاءِ منگهي پير وارو رستو ورتو ويو ٿو. شاه بلاول جي درگاه کان ڏيڍ ڪوه اوريرو [اوپر طرف] پب جبل جي ٻيٽ ۾ هڪ وڏو جبل جو ڄڻو آهي، جنهن کي لاهوت سڏين ٿا' (پ). هي هڪ زيارتگاه ۽ تيرٿ آهي.

لهور : ٻيان توڙي سگهڙن جي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته راجا چنيسر داسڙي جي گاديءَ جو هنڌ هو، جو ليلا کي چيو ويو ته: 'ليلا چڏ لهور'. يا هڪ گيچ (همرو - هجو) ۾ آهي ته: 'منهنجي لال لهور جي ٻانڌي'.

قليچ بيگ 'لاهور، گاديءَ جو هنڌ' لکيو آهي. ڏسو لغات لطيفي ١٩٦٠ع وارو ڇاپو، ص ٢٨٥.

لِيار : 'ليار جو وڻ، جيڪو ليسوڙي وانگر ڦر جهليندو آهي ۽ رنگ ڳاڙهو هوندو اٿس'-(گ).

ليلا : چنيسر جي راڻي، جنهن فريب ۾ اچي پنهنجو مڙس هڪ رات لاءِ ڪؤنرو جي حوالي ڪيو.

لُنڊر : لوڏڪ ۽ مُريڙي، وانگر هڪ سائو ساڳ آهي.

ليما : (واحد. ليمون). ليمون.

لُنڊاڻو : شهر جو نالو آهي. 'هتي تيرٿ به هو. هي شهر جيسلمير کان پنج ڪوه پري الهندي طرف آهي، جنهن ڪي لُدرو ساڌن ٿا. آن جو بگڙيل اُچار لُنڊاڻو آهي'-(پ).

لوتڙي : پٽ شاه جي ويجهو هڪ علائقو آهي.

لوهيٺي : مڇيءَ جو هڪ قسم آهي.

لُوت : وڻ جو قسم آهي، جنهن ۾ هئڊي رنگ جا گل ٿين ٿا.

لُوڻ : کاڌي وارو لوڻ، Salt.

لوه : لوه ڌاتو، Iron.

لوهار : لوه جا اوزار ٺاهيندڙ لوهارڪو ڌنڌو ڪندڙ، Ironsmith.

ليڙو : اَٽ.

لوري : (مذڪر. لورو) ذات آهي. ڪو لاهي پاهي ڪنهن جي پيمان ڪناهي پوي ۽ اصرار ڪري ته آن کي به لورو چئبو.

لوهيڙو : (س. لوهيتڪ) هڪ قسم جو وڻ آهي، جو اڪثر جبلن تي ٿيندو آهي-(گ).

لوئي : ڪتي يا اوڻ جو مخصوص ڪپڙو.

م

مَچڻ : وڻ جو قسم آهي، جنهن جي پاڙن مان ڳاڙهو رنگ ٺهندو آهي-(ش).

مَچَر : (١) ڪنديءَ جي وڻ جون سگريون-(ش).
(٢) ٺٽي ضلعي ۾ 'ماڇر' جو علائقو.

مَچ : مانگر مڇ، واڳون، Crocodile.

مَدينو : سعودي عرب جو هڪ شهر آهي، جتي حضرت رسول ڪريم صلعم جو روضو مبارڪ آهي. قديم نالو يثرب اٿس.

مَعبُود : (ع) جنهن جي عبادت ڪجي، خدا تعاليٰ.

مَعذُور : (جمع. معذوريون) يا معذوري- عذر واري مجبور، بيوس، ڪمزور، اپاهج. سسئيءَ پاڻ کي معذور سڏيو آهي.

مَڪَ : پيرون، جڏهن اڃان ننڍا هوندا آهن.

مَڪو : سعودي عرب جو شهر مڪو، جتي ڪعبة‌الله شريف آهي.

مَڪِڙي : (مذڪر. مڪڙو - سن منگني) پيڙي-(گ).

مگڻهار : مگڻ وارو، منگتو فقير.

مَلَڪَ : فرشتا.

مَلَڪئنا : مَلَڪن يعني فرشتن کان.

مَلاح : ميربحر، پيڙي هلائيندڙ.

مَلِير : (١) ٿر ۾ مارئيءَ جي اصل ڳوٺ جي آسپاس وارو علائقو.
(٢) ڪراچيءَ جي ويجهو به ملير نالي هڪ ڳوٺ آهي. هتي اشارو ٿر واري علائقي ڏي آهي.

مَکڻي : گاهه جو قسم، هن جي سلي ۾ سنهڙا ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جا داڻا ٿيندا آهن. ڪاڻڻ جي ڪتب به ايندا آهن-(گ).

مَنڌُ : (سن. مديه) شراب-(گ).

مُنڌُ : ڏسو 'مَنڌُ'.

منصور : منصور حلاج، جنهن جو اصل نالو حسين بن منصور هو. ٢٤٢هه ۾ بيضا ۾ ڄائو. عرب ۽ هند وغيره جو سير ڪيائين، ڪيس اناالحق جو نعرو هڻڻ ڪري قتل ڪيو ويو، صوفين وٽ سندس درجو نهايت اعليٰ آهي.

مهرو : پيڙيءَ جي اڳيل-(گ).

مهري : پلو اٺ.

مهڙي : گهاٽي جو ڌڻ.

مهيسر : پيرمغان، مرشد ڪامل، ساقي-(ش).

مئڙڪي : مئي جي. مهاڻن جي (ڏيءَ) نوري.

مِيو : اٺ.

مارُو : مارو ماڻهو. ٿر يا لاڙ ۾ غريب پهراڙيءَ جي ماڻهن لاءِ به 'مارو ماڻهو' ڪم ايندو آهي. مارئي ڪٿي پنهنجن مائٽن کي ۽ ڪٿي ڪيٿ کي مارو چوي ٿي. 'ڍول مارو' جي قصي ۾ مارو سورميءَ جو نالو آهي.

ماس : سنڌس ماءُ. هتي اشارو حضرت امام حسين سڳوري جي والده محترمه حضرت بي‌بي فاطمةالزهريٰ ڏي آهي.

ماڪاڻي : هن نالي سان ڪو مقام يا علائقو ٿي سگهي ٿو. رسالي مان اشاري طور چائجي ٿو ته پٻ جبل طرف آهي.

ماکي : ماکي، شهد، Honey.

ماڱر : ماڱر يا ماڃر تعلقي جاتيءَ جو اُهو علائقو آهي، جتي ميربحرن جي آبادي آهي. هتي اشارو نوريءَ پنهنجي ذات يا ڳوٺ ڏي ڪيو آهي. مهاڻا اصل ملبار جا رهاڪو آهن. دروازي ٻوليءَ ۾ 'مانگ' جي معنيٰ آهي 'چار' انهيءَ معنيٰ موجب مانگر يا مانگر ٿيو 'چار رکندڙ'.

مالَ : (يا مالَهه) ڏاڳو جنهن تي ارٽ ڦرندو آهي.

مانباڻ : (يا مانباڙ) هڪ نئن جو نالو آهي.

مانڌاڻون : گاهه جو قسم آهي. جنهن جي سلي ۾ اڇي رنگ جا داڻا ٿيندا آهن. ٿري ماڻهو ڪاڌي جي ڪم آڻيندا آهن.

مائڪ : (سن. منڻيڪَ) موتي. روحاني حيثيت ڪري انسان کي سڏيو ويو آهي-(گ).

مائڪي : (جمع. مائڪيون) مينهن جنهن کي اک ۾ اڇو ٽڪو ٿئي ٿو. اُن ڪري مينهن جو نالو به مائڪي رکن ٿا.

مائڪين : 'مائڪين کي' يا 'مائڪين جو' ڏسو 'مائڪي'.

ماهر : چاڻو، سمجهو، قابل.

مجوسي : باهه جي پوڄا ڪندڙ.

مجيجي : اُهو ماڻهو جيڪو ڪنهن جي ماضيءَ کان واقف هجي. چوڻي: مائٽ مري وڃن مجيجي نه مرن.

مرڳ : مرڳهه، هرڻ.

مرُون : سوئر، Pig. رسالي ۾ اڪثر عام جهنگلي جانورن لاءِ به 'مرون' ڪم آيو آهي.

مصري : مصر جي ٺهيل تلوار.

ميها : ميها (ياچي).

ميهار : ميهار. اصل نالو عزت بيگ چاڻايل آهي، جو بخارا جو رهاڪو هو. جنهن جو سهڻيءَ سان عشق ٿيو. مقامي روايتن ۾ اختلاف آهي. رسالي ۾ ميهار کي ساهڙ به چيل آهي.

مهار جي لفظي معنيٰ 'منهن چاريندڙ يا ڏاريندڙ' آهي.

مير(محمد عربي): نبي آخرالزمان حضرت محمد رسول الله ﷺ. ڏسو 'محمد'.

محمد : پيغمبر اسلام، نبي آخرالزمان حضرت محمد صلعم. پاڻ سڳورن جي ولادت سومر ۹ ربيع الاول سنه ۱ عام الفيل مطابق ۲۲ اپريل ۵۷۱ع ۾ مڪي ۾ ٿي. سندن ڏاڏي جناب عبدالمطلب طرفان کين محمد ۽ والده محترمه طرفان احمد نالو مليو.

مُرسل : حضرت رسول ڪريم صلعم ڏي اشارو آهي. ڏسو 'محمد'.

مُرلي : هڪ ساز، هي ڦوڪ وارو ساز آهي. وچ ۾ ڏيڍ ٽيندو آٿس. نانگ منڊڻ لاءِ فقير وڄائيندا آهن.

مُشڪ : هرڻ جي ڏن مان هڪ ميڻ نڪرندي آهي. اُن مان خوشبوءِ تيار ٿئي ٿي، اُن جو نالو آهي.

مُصطفيٰ : حضرت رسول ڪريم صلعم، ڏسو 'محمد'.

مُطلب : رسول ڪريم صلعم جن جو ڏاڏو جناب عبدالمطلب.

مُفتي : اهو عالم جيڪو فتويٰ جو صاحب هجي.

مُنڪر ۽ نڪير: فرشتا جيڪي قبر ۾ پڇاڻو وٺڻ ايندا آهن.

مُهاڻي : (مذڪر. مهاڻو) مڇي ماريندڙ، ميربحر. ذات به آهي.

مُوسيٰ : حضرت موسيٰ عليه السلام، نبي.

مُومل : 'پندرهين صدي عيسويءَ جي اوائل ۾ راجا نند نالي گُجر ذات جو هڪ راجپوت سردار ميرپورماٿيلي جو حاڪم هو. هن کي نَو نياڻيون هيون. مومل انهن ۾ سونهن ۾ سرس هئي'- (ڳ).

موڏو : (جمع. موڏا) ڪلهو.

معلم : رهبر، اُستاد، سيکاريندڙ، رهنمائي ڪندڙ، مرشد.

موتي : قيمتي ملهه، موتي، Pearl.

موکي : قصي 'موکي ۽ متارن' جو هڪ ڪردار. موکي آها عورت هئي، جنهن جي دوڪان تي متارا آيا ۽ شراب پيتائون.

مولو : مولي، خدا.

مونا : آرٽ جون اکيون ڪانيون.

موهي : ميربحرن جي هڪ ذات آهي.

ميٽ : مٽي ڌوئڻ جو ميٽ. پيلي رنگ جي مٽي آهي، معدني

پيدائش آهي. وارن ڌوئڻ ۽ وهنجڻ لاءِ قديم زماني کان
ميٽ ڪم اچي ٿو.

مهندي : خوشيءَ جي موقعن تي هٿن پيرن رنگڻ ۽ سينگار ڪرڻ
لاءِ عورتون ڪم آڻين ٿيون. مينديءَ جا پن گهوٽي پوڙ
بنائي پسائبي آهي ته رنگ ڪندي آهي.

مينڌرو : راڻو مينڌرو، همير سومري جو وزير هو، مينڌرو راڻي جي
ذات معلوم ٿئي ٿي. هاڻي هن ذات کي منڌرو سڏجي ٿو.
بدين تعلقي ۾ منڌرا قوم گهڻي تعداد ۾ موجود آهي، ڪڇ
(پارڪر) ۾ به منڌرا رهن ٿا.

مينهن : مينهن Buffalo .

ن

نڙ : ڦوڪ وارو هڪ ساز.

ننگر : لنگر، بحري جهاز جو بيهڻ، لنگر هڻڻ.

ناتاريون : (واحد. ناتاري) لوهه جو ساڄ، جو تور ۾ اٽڪل ۷ يا ۸
من ٿيندو آهي. جڏهن پيڙي ٽراٽي ٿيندي آهي، تڏهن اها
ناتاري ڪٽي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. پلي ڪٽي وڃ سير ۾
هجي-(گ).

ناڙيو : پانڌيءَ جو نالو آهي. اصل ۾ مومل جي پانڌي هئي. ساڙ
مومل راڻي ڪانسواءِ عام پانڌيءَ جي معنيٰ ۾ آيو آهي.

ناٿ : گرو، مرشد، ڏڻي.

ناري : نار يعني باهه وارا، جلائي.

ناڙيون : (واحد. ناڙي) ورت، ڇيڙي جي رسي، پگهه -(گ).

ناغم : (ع) ڏاچي.

ناقو : اٺ، ڏاچي.

ناني : هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پهاڙ وٽ هڪ غار ۾
آهي. هنگلاج کي هندو ماڻهو ديوي، ماتا، امبا (امان) ۽
بين نالن سان سڏيندا آهن، مسلمان هن کي عام طور ناني
ڪوٺيندا آهن. ناني لفظ اصل ۾ 'ني' معنيٰ ماءُ آهي-(پ).

نمرودي : نمرود وارو. نمرود بن ڪنعان، جنهن خدائيءَ جي دعويٰ ڪئي.

نورا : ڪڙين وانگر پيرن ۾ پائڻ جا زيور.

نّوري : سنڌ جي سما گهراڻي جي حڪمران ڄام تماچيءَ جي راڻي.
نوري اصل ۾ هڪ غريب ميربحر جي ڌيءَ هئي. هن
جي اصل نسل بابت ڪي ٻيون روايتون به آهن.

نّوري : نور وارا، جمال وارا.

نيڙ : ڪسي، ننڍو واٽر ڪورس.

نيش : ٻور - جواني وارو اُٿ.

نينڍو : اونهون سمنڊ-(ش).

نوراڀو : ننڍو ڦر، ڳهيتو.

و

وَچون : (واحد. وچ) ميهن جو مادي ڦر.

وحوشن : (ع- واحد. وحوش) جانورن.

وَل : ڪاٻه عام ول يا ٻوٽو، جيڪو پکڙجندڙ هجي، ڪنهن
پٽ يا وڻ تي وڌي وڃي.

وَٽڪار : ’وٽڪار جو ڳوٺ لس ٻيلي جي اُتر اپرندي طرف کير ٿر
جبل جي قطار سان لڳو پيو آهي‘-(پ).

وهڙو : (جمع. وهڙا) ننڍي عمر جو ڏڳو، جيڪو اڃان مس
وَهٽو هجي.

واحد : (ع) هڪڙو، خدا.

واڍو : ڪاٺ مان فرنيچر ۽ ٻيو سامان ٺاهيندڙ ڪاريگر، Carpenter.

واريا سو : واريءَ وارو.

واڙيءَ ڦل : لوڙهي يا واڙيءَ ۾ ولين ۾ گل-(ش).

واسينگ : وڏو ڪارو نانگ.

وانٺيون : ٻيرقون-(جهاز جون).

واهيرو : آکيرو.

ٻوڏاڻ : مترڪو.

ٻوندر : ’وندر هڪ نئن (برساتي ندي) جو نالو آهي: جا پب جبل
مان نڪري ۳۲ ڪوه وهي، سون مياڻيءَ جي ڏاکڻي پاسي
عربي سمنڊ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿي. جب نديءَ ڪان وندر
ڏي وڃبو ته اول بريڊو لڪ ۽ پوءِ کارڙي ناڪو ايندو‘(پ).

ٻوهاڳ : راڳڻيءَ جو نالو آهي. (اصل نالو ٻهاڳ).

ٻوهري : ننڍو ڪوه.

ويمو : هتي معنيٰ 'وڻج واپار'.

ويڄ : طبيب.

ويراڳي : اهو شخص جيڪو دنيا کي ترڪ ڪري ۽ ويراڳ اختيار ڪري. فقيرن جو هڪ قسم آهي.

ويڙهيڄهپ : ڏيپلي ڪان ٿي ڪوه پري هڪ تڙ آهي. هتي پارو فقير جو ميلو لڳندو آهي.

ويڙيچا : (يا ويڙهيچا) ويڙه ۾ رهندڙ، جهنگ جا رهاڪو، مارئيءَ جا مائٽ، جوڻيجن جي ذات ۾ ويڙهيچا هڪ اوڙڪ آهي.

وڻ : ڪپهه جا ڏينا.

ه

هڏا ڪتيون: ڀٽ شاه جي ويجهو هڪ مڪان آهي. 'هڏاڪتيان هليو'.

هس : هسلي، ڪنڊ جو زيور. گهڻو ڪري هسلي ڪنڊ جي ٿيندي آهي. گهڻو ڪري هس يا هسليءَ جو رواج لاڙ ۽ ٿر ۾ آهي.

همير : عمر ڪوٽ يا امرڪوٽ جو بادشاه. فقط "بادشاه" جي معنيٰ ۾ به ڪم آيو آهي.

هنجهه : پکيءَ جو قسم آهي، (هنجڙو).

هرڻ : Deer 'هي هڪ مشهور جهنگلي جانور ٻڪريءَ جيڏو قد ۾، ۽ لاسڙات ميري ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. ٻوڙ جو تمام تکو ٿيندو آهي'-(ٻ).

هنديءَ ۾ مرگهه چئبو آهي. هرڻ جي اکين جي تشبيهه شاعريءَ ۾ عام ڏني وڃي ٿي. هرڻ پاليا به ويندا آهن.

هلوئي : (ع. حليه) زيور، تائت پيا ۽ ڳهڻا جن سان آن سينگاريو آهي-(گ).

هاڏڪ : (حاذق) حڪيم، چالو، خبردار.

هاٿي : هاٿي، فيل، Elephant.

هادي : هدايت ڏيندڙ، خدا جو صفاتي اسم.

هاشمي : اشارو حضرت رسول ڪريم صلعم ڏي آهي. سندن ڏاڏي هاشم جي نسبت سان. هاشم بن عبدالمناف حضور جن جي سڳي ڏاڏي جناب عبدالمطلب جو پاءُ هو.

'هڪ ڀيري مڪي ۾ ڏڪار پيو، هاشم شام مان واپار ڪري اتان تمام گهڻو اناج آندو ۽ عام دعوت ڪيائين. عربن

کي گوشت ۾ ماڻهوءَ جي پوري پوري ڪُنڌي گهٽي وٺندي آهي. هشم ڪُنڌيءَ کي چهنبو آهي. ان ڪري مٿس هاشم نالو پيو نه ته اصلي نالو عمر هوس-' (شيدا).

هاڙهو : 'هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي ڦوٽ نديءَ وٽ اچي کٽندو آهي'- (پ).

هالار ڏٺي : 'هالار پرڳڻو هن وقت ڪاٺياواڙ جو هڪ پرانت (ضلعو) آهي. اهو پرڳڻو اصل ڪڇ ملڪ سان لاڳو هو. سنڌ ۾ جڏهن سومرن جي صاحبي هئي، تڏهن اڙتو نالي سمو هالار جو نواب هو. تنهن ڪري شاه صاحب هن کي هالار ڏٺي سڏيو آهي'- (پ).

هالاري : هالار جو. ڏسو 'هالار ڏٺي'.

هالورو : زبور .

هِند : هندوستان. هاڻوڪو سڄو هند پاڪ نديو ڪندڙ .

هنگلاج : ' هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار ۾ آهي . هتي ديويءَ جي مورت پٿ ۾ سمهيل آهي ، هتي جاتي ٽوڙي هنگلاج جا فقير هر گهڙيءَ ديويءَ مٿان کير پيا اوتيندا آهن . اهو ڪڏهن ڪُڪو نه ڏيندا آهن. هنگلاج جا مجاور مسلمان آهن ۽ اهي وسهندا آهن ته هنگلاج حضرت عليءَ جي دائي هئي'-(پ).

هِنگلور : 'هن کي عام طور هنگول چون ٿا، سا هڪ ندي آهي، جا بلوچستان جي سڀني ندين ۾ وڏي آهي. لس بيلي جي حد اندر عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي'-(پ).

هُما : Phoenix- ' هُما هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جو گهڻو ڪري اکين کان غائب رهي ٿو. سنڌ جي سر زمين تي هي پکي ڪونه ٿو رهي'-(و).

مولانا وفائي، شيخ سعديءَ جي شعرن ۽ جهانگير بادشاه جي توزڪ مان حوالا ڏيندي لکي ٿو ته هي پکي هڏيون کائيندو آهي. پرمانند ميوارام جي لکڻ موجب:

A bird of happy omen.

هيدي : لغت نويسن هن لفظ جو بنياد هيدج، هودج لکيو آهي ۽ اُن کي فارسي لفظ لکيو اٿن . گربخشاڻي اُن جي معني

’مهار‘ لکي آهي. قليچ بيگ ’پاکڙو ۽ جُهل‘ علامه آء. آء. قاضي ’واڳ ۽ پاکڙو‘، پيرومل ۽ آخوند وفا ’جُهل‘ ۽ غلام محمد شاهواڻي ’مهار ۽ واڳ‘ لکي آهي.

لفظ جي بنياد کي ڏسجي ته اهو فارسيءَ ۾ عربيءَ کان آيو. عربي لغتون ’هود‘ جي معنيٰ Hump of the Camel ۽ ’هودج‘ جي معنيٰ Palanquin پالڪي ۽ ’ڪجائو‘ لکن ٿيون (ڏسو: معن زلفو مدينه جي **قاموس عربي انگليزي** پاڪيٽ بوڪس نيويارڪ ۱۹۷۳ع ص۷۰۲). فارسي لغتون هودج (جمع. هوادج) کي عربي لفظ ڄاڻائينديون، ان جي معنيٰ ’پالڪي، ڪجائو، روپوش دار‘ لکن ٿيون. (ڏسو: استاد حسن عميد جي **فرهنگ عميد** سازمان انتشارات جاويدان تهران چاپ هشتم ۱۳۵۴ خورشيدي، ص ۱۱۲۵). ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو ته هيديءَ جي معنيٰ جهل ڪئي ويندي آهي مگر ان لاءِ ڪا سَنَد ڪانهي. حقيقت ۾ ڊاڪٽر صاحب جنهن بنياد سان لفظ منسوب ڪيو آهي، تنهن موجب ۽ مٿين بحث جي روشنيءَ ۾ سندس ورتل معنيٰ مهار ته بلڪل صحيح ناهي. جُهل، پاکڙي، پالڪي ۽ ڏولي لاءِ اچان سوچي سگهجي ٿو. سَنَد لاءِ بيت جي سٽ ڪافي آهي:

ڪديفي جي ڪرها، هيديءَ پائين **حال**.

اسان ڏٺو ته شاه صاحب اهڙي ريت ساڳين شين جو تڪرار نٿو ڪري. مهار جو ذڪر هن بيت کان هيٺ (ڪنيات ۲ بيت ۲۱-۲۲) ڪيل آهي، هن بيت ۾ چوي ٿو: اي اٺ! تو کي ريشم جي پاکڙي، ڪجائي يا پالڪي مٿان **حال** وجهان. حال جي معنيٰ لغت نويسن عام معنيٰ ’زمان حال‘ جي ورتي آهي. حال ۽ نهه پهه– ان ڪري هيدي کي جهل به چياڻون. ”حال“ جي معنيٰ جهل، پوش ۽ شال آهي. ٿر ۾ اڪثر سال – شال بدران اچار حال آهي. ائين ڏسي ٿو ته لفظن ڪديفو، هيدي ۽ حال جي معنيٰ صحيح بيهندي.

هوت : پنهون.
هوتاڻي : اي هوت. لفظ هوت مان ٺهيل آهي. جمع آريءَ مان آرياڻي.
هوڙاک : (سن. هوڊک) ٻيڙي. ڪن جاين هوڙاک بدران ڪوراک پڙهڻ ۾ آيو آهي. اُن جي معنيٰ تڙ جي ٿيندي.

ي

يزيد : يزيد بن معاويه، جنهن جي حضرت امام حسين بيعت نه ڪئي ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي لشڪر سان معرڪو ڪيائين.
ياقوت : قيمتي پٿر.

— O —